# موت جون سختيون

مع

مرڻ کان پوءِ ڪم اچڻ وارا اعمال

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# موت جون سختيون ۽ مرڻ کان بعد اچڻ وارا اعمال

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتکاف جي نيّت ڪئي)

**جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪيو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ کائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.**

## دُرود شريف جي فضيلت

**حُضُور نبيِّ پاڪ ،صاحبِ لَولاڪ، سياحِ اَفْلاڪ** صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو فرمانِ عاليشان آهي: "جڏهن پاڻ ۾ محبت رکڻ وارا بہ ٻانها پاڻ ۾ ملاقات ڪندا آهن ۽ نبيِ ڪريم** (صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) **تي دُرودِ پاڪ پڙهندا آهن تہ انهن ٻنهي جي جدا ٿيڻ کان پهرين ان جا اڳيان پٺيان جا گناه معاف ڪيا ويندا آهن."** (مسند ابي يعلي الموصلي، مسند انس بن مالک، الحديث:۲۹۵۱،ج۳،ص۹۵)

ذکر و درود ہر گھڑی ورد زبان رہے میری فضول گوئی کی عادت نکال دو

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري ونون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ"يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو (2) جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

✿ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ✿ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ✿ ضرورت پوڻ تي سوڙهو يا سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشاده ڪندس ✿ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ✿ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ✿ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

---

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السيقن،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)



www.dawateislami.net

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

مان بہ نيت ڪيان ٿو ❁ الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ "ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان" ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَالِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة[1] يعني "منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي" ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّھ رکندس يعني پنهنجي علم جو رُعب ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت ڪرڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس. صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَالِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

[1] ...بخاری، ڪتاب احاديث الانبياء،باب ماذڪر عن بنی اسرائيل،462/2،حديث:3461



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ شبِ براءَت آهي، نجات حاصل ڪرڻ جي رات آهي، ڀلائين واري رات آهي، رحمتن واري رات آهي، دعائن جي قبوليت واري رات آهي، بخشش جي رات آهي، تقسيمِ رزق جي رات آهي، حاجين جا نالا لکجڻ جي رات آهي، جهنم کان ڇٽڪاري واري رات آهي، سعادت مندي يا بد بختي لکجڻ جي رات آهي، اڄ اها رات آهي جو آئنده شبِ براءَت تائين مرڻ وارن جا نالا ملکُ الموت عَلَیْہِ السَّلَام جي سپرد ڪيا ويندا آهن، آه!

عزیزا یاد کر جس دن کہ عِزرائیل آئیں گے نہ جاوے کوئی تیرے سَنگ اکیلا تُو نے جانا ہے

## ملکُ الموت جي آمد

حَضرتِ سيدُنا يزيد رَقاشِي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْكَافِي فرمائن ٿا: بني اسرائيل جو هڪ انتهائي مغرور شخص پنهنجي گهر ۾ ڪنهن فرد سان گڏ اڪيلائي ۾ هو، اچانڪ هڪ ڏنو ته ڪو دروازي کان اندر آيو آهي. گهٻرائجي يڪدم غُصّي مان ڀڙڪي اٿيو ۽ پڇڻ لڳو: تون ڪير آهين ۽ ڪنهن جي اجازت سان منهنجي گهر ۾ داخل ٿيو آهين؟ اچڻ واري جواب ڏنو: آءُ گهر جي مالڪ جي اجازت سان داخل ٿيو آهيان، آئون اهو آهيان جنهن کي اندر اچڻ کان نه ڪو پهريدار روڪي سگهي ٿو نه ڪنهن بادشاهه جي اجازت درڪار آهي ۽ نه ئي ڪنهن جو رُعب ۽ دٻدٻو مون کي خوفزده ڪري سگهي ٿو، مون کان ڪو ضدي ۽ مغرور شخص نه جان ڇڏائي سگهي ٿو نه ڪو سرڪش بچي سگهي ٿو. هي ٻڌي ان مغرور شخص کي انتهائي ندامت ٿي ۽ ان جي جسم تي ڏڪڻي شروع ٿي وئي، ايستائين جو اونڌي منهن ڪري پيو، پوءِ پنهنجو ڪنڌ



www.dawateislami.net

متي کٽي ذِلّت ۽ خيرات گھرڻ واري انداز ۾ چوڻ لڳو: ان جو مطلب آهي تہ توهان حضرت ملڪ المَوت عَلَيۡهِ السَّلَام آهيو. چيائون: آءُ ئي ملڪ المَوت آهيان. مغرور شخص پڇيو: ڇا توهان مونکي ڪجھ مهلت ڏئي سگھو ٿا تہ جيئن آئون توبھ ڪري سگھان؟ حضرت ملڪ المَوت عَلَيۡهِ السَّلَام چيو: هرگز نہ! تنهنجي مدت ختم ٿي چڪي آهي، تنهنجي ساھ جي ڳڻپ پوري ٿي چڪي آهي، وقت پورو ٿي چڪو آهي ۽ هاڻي تو وٽ ڪو رستو نہ بچيو آهي. مغرور شخص وري پڇيو: توهان مون کي ڪيڏانهن وٺي ويندا؟ چيو: تنهنجي ان عمل جي طرف جيڪو تو اڳيان موڪليو آهي ۽ ان گھر جي طرف جيڪو تو تيار ڪيو آهي. هن چيو: مون ڪو نيڪ عمل اڳيان نہ موڪليو آهي نہ ڪو چڱو گھر تيار ڪيو آهي.

حضرت ملڪ المَوت عَلَيۡهِ السَّلَام چيو: پوءِ توکي جهنم جي وادي جي طرف وٺي هلندس جيڪا گوشت کي پُجي ڇڏيندي آهي. پوءِ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام جن مغرور شخص جي رُوح قبض ڪري ورتي ۽ اهو پنهنجي گھروارن جي درميان ڪِري پيو ۽ سيني روئڻ ۽ رڙيون ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو. حَضرتِ سيدُنا يزيد رَقَّاشِي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡكَافِي مزيد فرمائن ٿا: جيڪڏهن گھروارا ان جي بُري انجام کي ڄاڻي وٺن ها تہ اڃا وڌيڪ روئن ها.

(اِحياءُ العُلُوم، کتاب ذکر الموت وما بعده، الباب الثالث، ٥/٢١٦)

دِلاغافِل نہ ہو یک دَم یہ دنیا چھوڑ جانا ہے  
بغیچے چھوڑ کر خالی زمیں اندر سمانا ہے

تِرا نازُک بدن بھائی جو لیٹے سَیج پھولوں پر  
یہ ہوگا ایک دن بے جاں اِسے کیڑوں نے کھانا ہے

تُواپنی موت کو مت بھول کر سامان چلنے کا  
زمیں کی خاک پر سونا ہے اِینٹوں کا سِرہانا ہے

نہ بَیلی ہو سکے بھائی نہ بیٹا باپ تے مائی  
تُو کیوں پھرتا ہے سَو دائی عمل نے کام آنا ہے



www.dawateislami.net

کہاں ہے زَورِ نَمرودی ! کہاں ہے تختِ فِرعونی ! گئے سب چھوڑ یہ فانی اگر نادان دانا ہے
عزیزا یاد کر جس دن کہ عِزرائیل آئیں گے نہ جاوے کوئی تیرے سَنگ اکیلا تُونے جانا ہے
جہاں کے شُغل میں شاغِل خدا کے ذِکر سے غافِل کرے دعوٰی کہ یہ دنیا مِرا دائم ٹِھکانہ ہے
غُلامؔ اِک دَم نہ کر غفلت حیاتی پر نہ ہو غُرّہ خدا کی یاد کر ہردم کہ جس نے کام آنا ہے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## موت عمر ڏسندي آهي نہ مهلت ڏيندي آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ ڪيئن يادِ خُدا و مصطفٰي عَزَّوَجلَّ وَ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان غافل، عياشين ۾ مصروف شخص ڏانهن جڏهن ملکُ المَوت حَضرتِ سَيِّدُنا عزرائيل عَلَيهِ السَّلَام موت جو پيغام کڻي تشريف کڻي آيا تہ ان جي اکين کان غفلت جو پردو هٽي ويو ۽ ان جي اک کلي وئي ۽ پوءِ روئڻ ۽ رڙڻ لڳو، حالانکہ اهو شخص ان کان پهرين طرح طرح جي گناهن ۾ ٻڏل هو. پر پوءِ جڏهن عزرائيل عَلَيهِ السَّلَام تشريف کڻي آيا تہ فقط افسوس وچان هٿ مَلڻ ۽ جان حوالي ڪرڻ کان علاوه ڪو چارو نہ هو، ڇو تہ ان وقت موت جو فرشتو ڪا مهلت ناهي ڏيندو.

سب کو مرنا ہی پڑیگا یاد رکّھو بھائیو!
دیر میں جائیگا کوئی کوئی چلدے گا سَویر
(وسائلِ بخشش،ص ٢٣٤)

## هڪ ڏينهن مرڻو آهي آخر موت آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏينهن ۽ رات جڻ تہ ٻہ سواريون آهن، جنهن تي اسان واري واري سُوار ٿيندا آهيون، هي سُواريون مسلسل



www.dawateislami.net

پنهنجو سفر جاري رکنديون آهن ۽ اسان کي موت جي منزل تي پهچائي ئي ساهه کڻنديون، ڇا اسان ڪڏهن غور ڪيو آهي ته ڏينهن جي گذرڻ ۽ رات جي وڃڻ تي اسان تمام خوش ٿيندا آهيون، حالانڪ اسان جي زندگي جو هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات گهٽ ٿي ويندي آهي ۽ اسان موت جي مزيد ويجهو قريب ٿي ويندا آهيون، اسان جي حيثيت ته بلب جيان آهي جنهن جي تمام روشني ۽ توانائي پلاسٽڪ جي هڪ بٽڻ ۾ لڪيل هوندي آهي، ان بٽڻ تي لڳڻ واري آڱر جي هلڪي دباءُ سان ان جي روشني بند ٿي ويندي آهي، اهڙي طرح موت جو وقت اچڻ تي اسان جو تازو توانو جسم ايترو بي بس ٿي ويندو آهي جو اسان پنهنجي مرضي سان هٿ به نه ٿا هلائي سگهون. حالانڪ اهو طيءِ آهي ته هڪ ڏينهن اسان کي به مرڻو آهي، پر اسان اهو نه ٿا ڄاڻون ته موت اچڻ ۾ ڪيترو وقت باقي آهي؟ ڇا معلوم جو اڄ جو ڏينهن اسان جي زندگي جو آخري ڏينهن يا اچڻ واري رات اسان جي زندگي جي آخري رات هجي! بلڪ اسان وٽ ته ان جي به ضمانت ناهي ته هڪ ساهه کان پوءِ ٻيو ساهه به کڻي سگهنداسين يا نه؟ اهو به ممڪن آهي ته جيڪو ساهه اسان کڻي رهيا آهيون اهو ئي آخري ساهه هجي، ٻيو ساهه کڻڻ جو موقعو ئي نه ملي! ڇا خبر هي بيان ٻڌڻ جي دوران ئي حضرت ملڪ المَوت عَلَيۡهِ السَّلَام اسان جي روح قبض فرمائي وٺن! هر روز اسان کي هي خبرون ٻڌڻ ۾ ايندڙيون آهن ته فُلان چڱو ڀلو هو، بظاهر ان کي ڪا بيماري به نه هئي، پر اوچتو هارٽ فيل ٿيڻ جي وجه سان ڪجهه منٽن جي اندر اندر ان جو انتقال ٿي ويو، ائين ئي ڪنهن به وقت اسان به



www.dawateislami.net

دنيا مان رخصت ٿي سگھون ٿا ڇو ته جيڪا رات قبر ۾ گذرڻي آهي اها ٻاهر نه ٿي گذري سگھي.

دِلا! غافل نہ ہو یکدم یہ دُنیا چھوڑ جانا ہے　　باغیچے چھوڑ کر خالی زمین اَندر سمانا ہے
اَطْلَس و کمخواب کے بِسْتر پہ یُوں نازاں نہ ہو　　اس تَنِ بے جان پر خاکی کفن رہ جائے گا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا مٺااسلامي ڀائرو! اسان کي به موت کان پهرين موت جي تياري ڪرڻ گهرجي، گناهن ۽ غفلت ڀري زندگي کي ڇڏي ڪري نيڪين جي راهه تي هلڻ گهرجي، نه ته قبر ۽ حشر جي عذاب سان گڏوگڏ ان کان پهرين موت جي سختين کي به منهن ڏيڻو پوندو. ياد رکو! جڏهن ڪنهن جي موت جو وقت قريب ايندو آهي ۽ ان جي روح نڪري رهي هوندي آهي ته هي تمام ڏکيو مرحلو آهي. سڪرات جي وقت پيش اچڻ وارين سختين جو ذڪر قرآنِ مجيد ۾ به موجود آهي. جيئن ته سيپاري 26 سُوْرَۂ قٓ، آيت نمبر 19 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَ جَآءَتْ سَكْرَةُ الْمَوْتِ بِالْحَقِّ ؕ ذٰلِكَ مَا كُنْتَ مِنْهُ تَحِيْدُ ﴿۱۹﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ آئي موت جي سختي حق سان گڏ هي آهي جنهن کان تون ڀڄندو هئين.

ياد رکو! موت جي سختين ۽ تڪليفن کي برداشت ڪرڻ انتهائي مشڪل عمل آهي، اَمِيرُالمُؤمِنِين حَضرتِ سَيِّدُنا عمرفارُوقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن حَضرتِ سَيِّدُنا ڪعب الاَحْبار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَفَّار کي فرمايو: اي ڪعب! اسان کي موت جي باري ۾ ٻڌايو؟ انهن عرض ڪئي: ”اي اَمِيرُالمُؤمِنِين! موت ان شاخ وانگر آهي جنهن ۾ ڪيترائي ڪنڊا هجن ۽ ان کي



www.dawateislami.net

ڪنهن شخص جي پيٽ ۾ ايئن داخل ڪيو وڃي جو هر ڪَنڊو ڪنهن نہ ڪنهن رڳ ۾ اٽڪي وڃي، پوءِ ڪو شخص ان کي جهٽڪي سان ڇڪي تہ جيڪو ڪجھ نڪرڻو هو اهو نڪري آيو ۽ جيڪو باقي رهجي ويو سو رهجي ويو.“ (احياءالعلوم، ۵/۲۱۰)

حَضرتِ سَيِّدُنا عيسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام جن ارشاد فرمايو: اي حوارين جي جماعت! توهان الله عَزَّوَجَلَّ کان دعا گهرو تہ اهو مون تي موت جون سختيون آسان فرمائي ڇڏي، ڇو تہ مون کي موت جو خوف ايتري قدر آهي جو ڪٿي ان خوف سان ئي مون کي موت نہ اچي وڃي.
(احياءالعلوم، ۵/۲۰۸)

حَضرتِ سَيِّدُنا امام اَوزاعي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا: اسان وٽ هي ڳالھ پهتي آهي تہ قيامت اچڻ تائين مردو موت جون تڪليفون محسوس ڪندو رهندو آهي. (احياءالعلوم، ۵/۲۰۹)

سَکَرات میں گر رُوئے محمد پہ نظر ہو
ہر مَوت کا جھٹکا بھی مجھے پھر تو مزا دے
(وسائلِ بخشش، ۱۲۰)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سڪرات جي وقت انسان جي روح نڪرڻ انتهائي ڏکيو ۽ تڪليف ڏيندڙ عمل آهي. ان لاءِ ڏکيائي کان بچڻ جي لاءِ ان جي تياري انتهائي ضروري آهي.**

حَضرتِ سَيِّدُنا امام قُرطبي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی فرمائن ٿا: موت تمام وڏي مصيبت آهي پر ان کان وڏي مصيبت اها آهي تہ انسان موت کان غافل ٿي وڃي ۽ ان جي ياد کان منهن ڦيري ڇڏي ۽ ان جي لاءِ اعمال ڪرڻ



www.dawateislami.net

چڏي ڏي، بيشڪ موت ۾ غور ۽ فکر ڪرڻ وارن ۽ عبرت پڪڙڻ وارن جي لاءِ نصيحت ۽ عبرت موجود آهي.

(التذكرة باحوال الموتي وامور الآخرة ،ص: ٨)

ہائے!غافل وہ کیا جگہ ہے جہاں　　پانچ جاتے ہیں چار پھرتے ہیں

جاگ! سُنسان بَن ہے رات آئی　　گُرگ بہرِ شکار پھرتے ہیں

(حدائقِ بخشش،ص١٠٠)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! موت جي هولناڪين جو صحيح معنٰي ۾ تصوّر ئي مارينڌڙ آهي. يقينًا عقلمند اهو ئي آهي جيڪو ان فاني جهان جي دلچسپين کان اڻ ڄاڻ ٿي ڪري موت جي سختين ۽ تڪليفن ڪي پيشِ نظر رکندي ان جي تياري ۾ مشغول رهي. پر افسوس! اسان عقلمندي جو ثبوت ڏيڻ کان بجائي موت کان بلڪل غافل وينا آهيون، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: جيڪڏهن جانورن کي موت جي باري ۾ ايترو علم هجي ها جيترو توهان ڄاڻو ٿا ته توهان انهن مان ڪنهن کي موٽو ۽ تازو نه کائو ها. (التذكرة باحوال الموتي وامور الآخرة، ص ٨)

منا منا اسلامي ڀائرو! ٻڌو توهان ته جيڪڏهن جانورن کي موت جي متعلق ايتري معلومات ملي وڃي جيڪا اسان کي آهي ته انهن مان ڪو به ٿُلهو نه هجي ها. اسان ڄاڻون ٿا ته موت برحق آهي، هي به معلوم آهي ته هڪ ڏينهن ضرور مرڻو آهي، ان ڳالهه کان به باخبر آهيون ته روح نڪرڻ جو وقت انتهائي مشڪل هوندو ۽ مرڻ کان بعد



www.dawateislami.net

دنياداري، رشتيداري ۽ اسان جا بلند مڪان ۽ گاڏي ڪنهن ڪم نہ اينديءَ، ان ڳالهہ کي بہ ڄاڻيون ٿا پر پوءِ بہ نہ ڄاڻي ڇو غفلت جي ننڊ سُتل آهيون. منقول آهي تہ جيڪڏهن موت جي تڪليف جو هڪ قطرو دنيا جي جبلن تي رکيو وڃي تہ سڀ ڳري وڃن. (احياء العلوم، ۵ /۲۰۹) هاڻي ٿورو سوچيو! اهو موت جنهن جي تڪليف جي هڪ قطري جو هي حال آهي جو بلند ۽ ڏگها جبل بہ برداشت نہ ڪندي ڳري وڃن تہ هي تڪليف انسان جي لاءِ ڪيتري قدر تڪليف جو سبب ٿيندي هوندي؟

جاں کَنی کی تکلیفیں ذَبْح سے ہیں بڑھ کر کاش! مُرْغ بن کے طَیْبہ میں ذَبْح ہوگیا ہوتا
کاش! کہ نہ دُنیا میں پیدا مَیں ہُوا ہوتا قَبْر و حَشْر کا ہر غم خَتْم ہوگیا ہوتا

(وسائلِ بخشش، ص:۱۶۰،۱۵۸)

درحقيقت موت جي شدت ۽ تڪليف تہ اهو ئي ڄاڻي سگهي ٿو جيڪو ان جو ذائقو چکي وٺي، پر جنهن موت جو ذائقو نہ چکيو اهو پاڻ کي پهچڻ واري درد ۽ تڪليف سان ان جو اندازو لڳائي سگهي ٿو. حَضرتِ سَيِّدُنا امام محمد بن محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا: ان جو اندازو ايئن ٿي سگهي ٿو تہ جسم جو جيڪو حصو بي جان ٿي چڪو هجي تہ ان کي سُور جو احساس ناهي ٿيندو ۽ جنهن ۾ جان هجي ان کي سُور جو احساس ٿيندو آهي، جيڪو حقيقت ۾ روح کي ٿيندو آهي، تنهن لاءِ جڏهن ڪو حصّو زخمي ٿيندوآهي يا باهہ ۾ سڙي ويندو آهي تہ اهو ئي سڙڻ يا تڪليف روح جي طرف وڃندي آهي ۽ جيتري قدر وڃندي آهي ايتري قدر روح تڪليف محسوس ڪندو آهي. اندازو ڪريو تہ (ان) صورت ۾ تڪليف گوشت، رت ۽ ٻين حصن ۾



www.dawateislami.net

تقسيم ٿيندو آهي ۽ روح تائين ان جو ڪجهه ئي حصو پهچندو آهي، پر جيڪڏهن اها ئي تڪليف ٻين حصن تائين نہ پهچي ۽ براهِ راست روح تائين پهچي وڃي تہ ان جي تڪليف ۽ شدت جو عالم ڇا هوندو؟ (احياءالعلوم، ۵/۲۰۷) مزيد فرمائن ٿا: سڪرات جون تڪليفون براهِ راست روح تي حملہ آور ٿينديون آهن ۽ پوءِ هي تڪليفون پوري بدن ۾ ايئن پکڙجي وينديون آهن جو هر هر رڳ، پَنا، حصّا ۽ جوڙ مان روح ڪڍيو ويندو آهي گڏوگڏ هر وار جي پاڙ مٿي کان پيرن تائين ڪل جي هر حصي مان روح ڪڍي ويندو آهي. (احياء العلوم ،ج۵ ص: ۲۰۷)

منا منا اسلامي ڀائرو! روح نڪرڻ جي تڪليف سان گڏ گڏ مال، اسباب، دوست، احباب، ماءُ، پيءُ، ڀاءَ ۽ ڀيڻ کان جُدا ٿيڻ جو غم، مَلڪُ المَوت عَلَيۡهِ السَّلَام ڪي ڏسڻ جو خوف، سوڙهي ۽ اونداهي قبر جي اڪيلائي جو خوف، خوفناڪ صورتن وارن فرشتن يعني منڪر نڪير جي سُوالن جا جواب ڏيڻ، مردي جي لاءِ ڪيتري قدر خطري وارا مرحلا هوندا؟ اسان الله عَزَّوَجلَّ کان ان جي فضل و ڪرم ۽ عافيت جو سُوال ڪريون ٿا، يقينًا اسان کان موت جون سختيون ۽ هولناڪيون برداشت نہ ٿي سگهنديون، تنهن لاءِ اسان کي گهرجي تہ گناهن کان پري رهون ۽ الله عَزَّوَجلَّ جي ناراضي وارن ڪمن کان بچندا رهون ۽ ان جي خفيہ تدبير کان ڊڄندا رهون. اڄ کان بلڪ هاڻي کان پڪي سچي توبهہ ڪري وٺون ۽ آئنده گناهہ نہ ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪريون. نيڪين ۾ دل لڳائڻ، گناهن کان جان ڇڏائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهون، هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ، هفتيوار مدني



www.dawateislami.net

مذاڪري ۾ اجتماعي طور تي شرڪت ۽ هر مهيني 3 ڏينهن مدني قافلي ۾ سفر ڪي پنهنجو معمول بڻايون، ان جي برڪت سان اسان کي نيڪين ڪرڻ جا بيشمار موقعا مُيسّر ايندا ۽ مرڻ کان پهرين آخرت جي تياري ڪرڻ جو موقعو ملندو. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ

گورِ نیکاں باغ ہو گی خلد کا مجرموں کی قبر دوزخ کا گڑھا
کر لے توبہ ربّ کی رحمت ہے بڑی قبر میں ورنہ سزا ہو گی کڑی

(وسائلِ بخشش،ص۷۱۲)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## موت جي سختين جا اسباب

منا منا اسلامي ڀائرو! هر شخص تي موت جون سختيون ان جي عملن جي مطابق هونديون آهن، جيڪڏهن اسان پنهنجي زندگي نيڪ عملن ۾ گذاري هوندي ته سڪرات جي وقت اسان جو روح آرام سان نڪرندو ۽ جيڪڏهن سڄي عمر مَعَاذَاللهعَزَّوَجَلَّ گناهن جو سلسلو رهيو هوندو ته موت جون سختيون برداشت نه ڪري سگهنداسين. تنهنڪري هاڻي زندگي کي غنيمت سمجهندي معمولي نظر اچڻ واري گناهه کان به پاسو ڪريون ۽ سستي جي سبب ننڍڙي نيڪي به هرگز هرگز نه ڇڏيون. ياد رکو!

## قبر کي جنت جو باغ بنائڻ وارو عمل

منا منا اسلامي ڀائرو! هي دنيا دارُالعَمَل (يعني عمل ڪرڻ جي جڳهه) ۽ آخرت دَارُالجَزَاء (يعني بدلي ملڻ جي جڳهه) آهي، جيڪو اسان هتي پوکينداسين



www.dawateislami.net

اهو ئي آخرت ۾ لٽنداسين، ڪٽڪ پوکي چانورن جو فصل حاصل ڪرڻ بيوقوف جو خواب ئي ٿي سگهي ٿو. ان لاءِ سمجهداري جو تقاضو اهو ئي آهي جيڪو توهان لٽڻ چاهيو ٿا ان جو ئي ٻج ڇٽيو. تنهنڪري جنت ۾ وڃڻ جي لاءِ جنت ۾ وٺي وڃڻ وارا عمل ڪرڻا پوندا. اها جنّت جتي نهايت خوبصورت جهان آباد آهي، جنهن ۾ موت جو آزار (يعني ڏک ۽ تڪليف) ناهي، بيماريون ۽ قرضن جو بار نه آهي، جنهن ۾ پوڙهائپ جي ڪمزوري ناهي، غريبي، ناداري، معذوري ۽ مجبوري ناهي بلڪ هي اهو مقام آهي جتي زندگي جون تمام رونقون جمع ڪيون ويون آهن. حسين حورون، مزيدار کاڌا ۽ ميوا ته اهڙا جو ماڻهو تصور به نه ٿو ڪري سگهي، بستر ۽ لباس ته اهڙا اعلٰي جو اڄ بادشاهن کي نصيب ناهن، ڪمرا ۽ محل اهڙا شاندار جو دنيا جا وڏا وڏا محل به ان جي آڏو ننڍا ڏسڻ ۾ اچن. پوءِ هي سڀ ڪجهه هميشه جي لاءِ ملندو، ان ۾ نه ڪمي جو انديشو آهي نه کسجڻ جو کُٽکو، پر نيڪيون ڪمائڻ جي لاءِ ڪجهه ته محنت ڪرڻي پوندي، انسان روزگار جي لاءِ به تڪليف سهندو آهي ڇو ته ان جي نتيجي ۾ روزي ملندي آهي. اڄ اسين مال کي تمام اهم سمجهندا آهيون پر ياد رکو بالفرض اسان جي قبر سَون سان ڀري وڃي، اسان جي سڀ دولت ان ۾ منتقل ڪئي وڃي تڏهن به اسان کي آرام جي هڪ گهڙي به نه ملي سگهندي، هي زمين هي پلاٽ به اسان جي ڪنهن ڪم نه ايندا، اسان سمجهون ٿا هي زمين اسان جي آهي؟ نه! بلڪه اسان ان جا آهيون هڪ ڏينهن اسان کي ان جي اندر لهڻو پوندو. اولاد ، احباب ۽ رشتيدار صرف مٽي جي اندر سمهارڻ ڄاڻن ٿا ۽ پوءِ



www.dawateislami.net

اسان جا عمل ئي اسان سان قبر ۾ گڏ هوندا. دنيا وارن جا لڙڪ ۽ غمگيني برزخ ۾ اسان جي ڪم نه ايندي، سوڳوارن جو ميڙ ڇا فائدو ڏيندو! ڪڏهن توهان سوچيو؟ اي ڪاش! آخرت جي فڪر اسان تي اهڙي غالب ٿي وڃي جو جڏهن اونداهي ڏسون ته قبر جي اونداهي ياد اچي وڃي، ڪا تڪليف پهچي قبر ۽ حشر جون پريشانيون سامهون اچي وڃن، سمهڻ لڳون ته موت ۽ قبر ۾ ليٽڻ ياد اچي وڃي، اي ڪاش! اسان جي دل نيڪين ۾ اهڙي لڳي وڃي جو گناهه جي خيالن کان به پري ڀڄون! اچو ته! قبر کي روشن ڪرڻ ۽ ان کي آرامده بنائڻ جي لاءِ ڪجهه عملن جي باري ۾ ٻڌون: جيئن ته

## (1 کان 5) نماز، روزو، حج ۽ زڪوٰة وغيره

حَضرتِ سَيِّدُنا ڪعب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان مروي آهي جڏهن نيڪ شخص کي قبر ۾ رکيو ويندو آهي ته ان جا نيڪ عمل، نماز، روزو، حج، جهاد ۽ صدقو وغيره ان وٽ جمع ٿي ويندا آهن، جڏهن عذاب جا فرشتا ان جي پيرن جي طرف کان ايندا آهن ته نماز چوندي آهي: ان کان پري رهو، توهان جو هتي ڪو ڪم نه آهي، هي ان پيرن تي بيهي الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪندو هو، پوءِ اهي فرشتا مٿي جي طرف کان ايندا آهن ته روزو چوندو آهي: توهان جي لاءِ هتان کان ڪو رستو ناهي ڇو ته دنيا ۾ الله تعالٰي جي خوشنودي جي لاءِ ان گهڻا روزا رکيا ۽ گهڻي بک ۽ اُڃ برداشت ڪئي، فرشتا ان جي جسم جي ٻين حصن جي طرف کان ايندا آهن ته حج ۽ جهاد چوندا آهن ته پري هٽو، ان پنهنجي جسم کي تڪليف ۾ وجهي ڪري الله تعالٰي جي رضا جي لاءِ



www.dawateislami.net

حج ۽ جهاد ڪيو هو تنهنڪري توهان جي لاءِ هتي ڪا جڳهه نہ آهي. پوءِ اهي هٿن جي طرف کان ايندا آهن تہ صدقو چوندو آهي: منهنجي دوست کان پري ٿي وڃو، ان هٿنمان ڪيترا ئي صدقا نڪتا آهن جيڪي خاص الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ ڏنا ويا هئا ۽ انهن هٿن مان نڪري اهي بارگاهِ الٰهي ۾ مقبوليت جي درجي تي فائز ٿيا تنهنڪري توهان جي لاءِ هتي ڪو ڪم نہ آهي. پوءِ ان ميت کي چيو ويندو آهي تہ تنهنجي زندگي ۽ موت ٻئي بهترين آهن ۽ رحمت جا فرشتا ان جي قبر ۾ رحمت جو فرش وڇائيندا آهن، ان جي لاءِ جنتي لباس آڻيندا آهن، حدِ نگاهہ تائين ان جي قبر ڪشاده ڪئي ويندي آهي ۽ جنت جي هڪ قِنديل ان جي قبر ۾ روشن ڪئي ويندي آهي جنهن سان اهو قيامت جي ڏينهن تائين روشني حاصل ڪندو رهندو.

(مكاشفة القلوب،باب في بيان القبر وسؤالہ، ص١٧١)

## ٻہ اوندهايون پري ٿينديون

شيخ طريقت اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه "فيضانِ سنت" جلد 1 جي صفحي 872 تي لکن ٿا: منقول آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ حَضرتِ سَيِّدُنا مُوسٰي كَليمُ الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي فرمايو تہ مون اُمّتِ مُحَمّدِيه عَلٰي صاحِبِهَاالصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي ٻہ نور عطا ڪيا آهن تہ جيئن اهي ٻہ اوندهاين جي ضَرَر (نقصان) کان محفوظ رهن. سَيّدُنا مُوسٰي كَليمُ الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام عرض ڪيو: يا الله عَزَّوَجَلَّ! اهي ٻہ نور ڪهڙا ڪهڙا آهن؟ ارشاد ٿيو: "نورِ رَمَضان ۽ نُورِ قُرآن" عرض ڪيو ويو: ٻہ اوندهايون ڪهڙيون ڪهڙيون آهن؟ فرمايو: "هڪ قبر جي ۽ ٻي قيامت جي." (دُرة النَّاصِحِين ص ٩)



www.dawateislami.net

## خوشبودار قبر

حَضرتِ سَيِّدُنا عبدالله بن غالب حداني عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡغَنِی کي جڏهن دفنايو ويو ته سندن قبر مان مُشڪ جي خوشبو اچڻ لڳي. هڪ ٻيري ڪنهن انهن کي خواب ۾ ڏٺو ۽ پڇيو: ”توهان جي قبر مان ڪهڙي خوشبو ايندي آهي؟“ فرمايائون: ”تِلْكَ رَاءِ حَةُ التِّلَاوَةِ وَالظَّمَاءِ يعني هي تلاوت ۽ روزي جي برڪت آهي.“ (حلية الاولياء ،الحديث٨٥٥٣، ج٦، ص٢٦٦)

نماز و روزه وحجّ و زکوٰة کی توفیق عطاہو اُمّتِ محبوب کوسدایارب

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (6) صبر جا انوار

هڪ وڏي حديثِ پاڪ ۾ هي به آهي جڏهن مرڻ واري کي قبر ۾ رکيو ويندو آهي ته نماز ان جي ساڄي طرف کان ايندي آهي ۽ روزا کابي طرف کان ۽ قرآن ۽ ذڪر و اذڪار ان جي مٿي وٽان ۽ ان جو نمازن جي طرف هلڻ پيرن وٽان ۽ صبر قبر جي هڪ ڪنڊ ۾ ايندو آهي. پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ عذاب موڪليندو آهي ته نماز چوندي آهي: ”پري ٿي هي پوري زندگي تڪليفون برداشت ڪندو رهيو، هاڻي آرام سان ليٽيل آهي.“ پوءِ عذاب کابي طرف کان ايندو ته روزا ساڳيو جواب ڏيندا آهن، مٿي جي طرف کان ايندو آهي ته ساڳيو جواب ملندو آهي. ته عذاب ڪنهن طرف کان به ان وٽ نه پهچندو آهي. ان وقت صبر سيني عملن کي چوندو آهي ته مون ان ڪري نه چيو ته جيڪڏهن توهان سڀ عاجز ٿي وڃو ها ته آءُ ڳالهايان ها، پر هاڻي آءُ پُل صِراط ۽ ميزان تي ڪم ايندس. (الموسوعة لابن ابي الدنيا، الحديث٢٥۴، ج۵، ص۴٧٢)



www.dawateislami.net

## (7) مسجد روشن ڪرڻ جي برڪت

حَضرتِ سَيِّدُنا عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن مرفوعًا روايت ڪئي تہ ”جنهن الله عَزَّوَجَلَّ جي مسجدن کي روشن ڪيو الله عَزَّوَجَلَّ ان جي قبر کي روشن فرمائيندو ۽ جنهن ان ۾ خوشبو رکي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جنّت ۾ ان جي لاءِ خوشبو فراهم ڪندو. (شرح الصدور بشرح حال الموتي والقبور،ص ١٥٩)

## (8) مريض جي عيادت

حَضرتِ سَيِّدُنا ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ حضورِ پاڪ، صاحبِ لَولاڪ، سياحِ افلاڪ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”حَضرتِ سَيِّدُنا موسٰي عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن الله عَزَّوَجَلَّ کي عرض ڪيو تہ ”مريض جي عيادت ڪرڻ واري کي ڇا اجر ملندو؟ “الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمايو: ”ان جي لاءِ ٻہ فرشتا مقرر ڪيا ويندا جيڪي قيامت تائين ان جي قبر ۾ روزانو ان جي عيادت ڪندا. (شرح الصدور بشرح حال الموتي والقبور، ص١٥٩)

## (9) سورة مُلڪ پڙهڻ جو انعام

حَضرتِ سَيِّدُنا عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ ”جڏهن ٻانهو قبر ۾ ويندو تہ عذاب ان جي پيرن وٽان ايندو تہ ان جا پير چوندا: ” تنهنجي لاءِ هتان ڪو رستو نہ آهي، ڇو جو هي رات ۾ سورة مُلْك (يعني تَبَارَكَ الَّذِی) پڙهندو هو.“ پوءِ عذاب ان جي ڇاتي يا ان جي پيٽ جي طرف کان ايندو تہ اهو چوندو تہ ”تنهنجي لاءِ ان طرف کان ڪو رستو ناهي، ڇو جو هي رات ۾ سورة مُلْك پڙهندو هو.“ پوءِ اهو ان جي مٿي جي طرف کان ايندو تہ مٿو چوندو تہ ”تنهنجي لاءِ هتان



www.dawateislami.net

کو رستو ناهي، ڇو جو هي رات ۾ سورة مُلْك پڙهندو هو.“ ته هي سورت روڪڻ واري آهي، عذابِ قبر کان روڪيندي آهي، توراة ۾ ان جو نالو سورة مُلْك آهي. جيڪو ان کي رات ۾ پڙهندو آهي اهو تمام گهڻو ۽ چڱو عمل ڪندو آهي. (المستدرک، کتاب التفسير، باب المانعة من عذاب القبر، الحديث ٣٨٩٢، ج٣ ،ص ٣٢٢)

## قبر ۾ فرشتو قرآن پڙهائيندو

رسولِ ثقلَين، سلطانِ ڪونين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”جيڪو شخص قرآن پڙهڻ شروع ڪري ۽ ان کي ازبر (ياد ڪرڻ) کان پهرين ئي مري وڃي ته ان جي قبر ۾ هڪ فرشتو ان کي قرآن شريف سيکاريندو آهي ته ان حال ۾ اهو الله عَزَّوَجَلَّ سان ملاقات ڪندو جو ان کي پورو قرآن حِفظ هوندو.“ (كنزالعمال، الحديث ٦٤٤٢ ، ج ١، ٣٧٢)

## (10) سورة يٰس شريف جي برڪت

ملڪِ يمن ۾ جڏهن ماڻهو هڪ مردي کي دفن ڪري واپس موٽڻ لڳا ته انهن قبر ۾ مارڻ ڪُٽڻ جي آواز ٻڌي، پوءِ يڪدم قبر مان هڪ ڪارو ڪتو ظاهر ٿيو، هڪ شخص پڇيو: ”تون ڪير آهين؟“ ان جواب ڏنو: ”آءُ ميت جو بُرو عمل آهيان. پڇيو: ”مار توکي لڳي رهي هئي يا ان مردي کي؟“ ان چيو: مونکي ئي مار لڳي رهي هئي، سورۀ يٰس ۽ ٻيون سورتون ان سان گڏ هيون، اهي منهنجي ۽ ان جي درميان حائل ٿي ويون ۽ مونکي ماري ڀڄايو. (شرح الصدور، ص١٨٦)

## (11) سورة سجده شفاعت ڪندي

حضرت خالد بن مَعْدَان تابعي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته سورۀ سجده قبر ۾ پنهنجي پڙهڻ واري جي حق ۾ جهڳڙو ڪندي ۽ عرض ڪندي:



www.dawateislami.net

ياالله عَزَّوَجَلَّ جيڪڏهن آئون تنهنجي ڪتاب مان آهيان تہ ان جي باري ۾ منهنجي شفاعت قبول فرماءِ ۽ جيڪڏهن آءُ تنهنجي ڪتاب مان نہ آهيان تہ مون کي پنهنجي ڪتاب مان مٽائي ڇڏ." سورةسجدہ پکي جيان هوندي ۽ پنهنجي پرن کي پڙهڻ واري تي پکيڙي ڇڏيندي، ان جي حق ۾ شفاعت ڪندي ۽ ان کي قبر جي عذاب کان بچائيندي.

(در منثور ج٦ ص٥٣٥)

## (12) سورة زِلزال پڙهڻ جون برڪتون

حَضرتِ سَيِّدُنا ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي: جنهن جمعہ جي ڏينهن مغرب کان بعد نماز پڙهي ۽ هر رڪعت ۾ سورۂ فاتحه کان بعد "اِذَا زُلْزِلَت" (يعني سورۂ زِلْزَال) پندرهن ڀيرا پڙهي تہ الله تعالٰي ان تي سڪراتِ موت جي سختي نرم ڪري ڇڏيندو، ان کي عذابِ قبر کان محفوظ فرمائيندو ۽ پل صراط تي ثابت قدمي عطا فرمائيندو. (شرح الصدور ص١٨٦)

منا منا اسلامي ڀائرو! جڏهن ميت قبر ۾ دفن ڪئي ويندي آهي تہ قبر ان کي دٻائيندي آهي، قبر جي دٻائڻ سان نہ مؤمن بچندو آهي نہ ڪافر، نہ نيڪ نہ بد، نہ ٻار نہ جوان، فرق صرف هي آهي تہ ڪافر سخت دٻاءُ ۾ پڪڙيو ويندو آهي ان جون پاسراٽيون هيڏانهن هوڏانهن ٿي ونديون آهن ۽ مؤمن جي لاءِ دٻاءُ ايئن هوندو آهي جيئن ماءُ پنهنجي ٻچي کي پيار سان دٻائيندي آهي، بلي پنهنجي ٻچي کي وات ۾ دٻائيندي آهي ۽ ڪوئي کي ٻہ، پر ٻنهي ۾ فرق آهي.

(ماخوذ از مرأة المناجيح ج ١ ص١٤١ و ج٢ ص٤٥٦،٤٥٧)



www.dawateislami.net

## (13) سورة اخلاص پڙهڻ جو فائدو

حضور اڪرمِ، نورِ مجسّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن مرض الموت ۾ سورة الاخلاص پڙهي ته اهو قبر جي فتني ۽ ان جي دٻائڻ کان محفوظ رهندو. (المعجم الاوسط ج۴ ص۲۲۲ حديث ۵۷۸۵)

## (14) شبِ جمعه جو دُرود

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعي ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو به ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي قبر ۾ پنهنجي رحمت واري هٿن سان لاهي رهيا آهن.
(اَفْضَلُ الصَّلَوات عَلٰي سيّدِ السّادات ص۱۵۱ملخصًا)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (15) قبر جي غمخوار

حضرت سيدنا ابراهيم بن ادهم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْاَكْرَم فرمائن ٿا ته مون هڪ جنازي کي کُلهو ڏيڻ کان پوءِ چيو ته الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي لاءِ موت ۾ برڪت ڏي. ته هڪ غيبي آواز ٻڌڻ ۾ آيو: " ۽ موت کان پوءِ به." هي



www.dawateislami.net

ٻڌي ڪري مون تي تمام گهڻو خوف طاري ٿيو. جڏهن ماڻهو ان کي دفن ڪري چڪا تہ مون قبر جي ويجهو ويهي احوالِ آخرت جي باري ۾ غور ڪرڻ لڳس. اچانڪ قبر مان هڪ حسين و جميل شخص ٻاهر نڪتو، ان کي صاف سٿرا ڪپڙا پهريل هئا جنهن مان خوشبو اچي رهي هئي. ان مون کي چيو تہ: ”اي ابراهيم!“ مون چيو: ''لَبَّيْكَ'' پوءِ مون ان کان پڇيو: خدا عَزَّوَجَلَّ توهان تي رحم فرمائي، توهان ڪير آهيو؟“ ان جواب ڏنو: تختي تي ”موت کان بعد بہ“ چوڻ وارو آءُ ئي آهيان. مون چيو آخر توهان جو نالو ڇا آهي؟ تہ انهن چيو منهنجو نالو سنت آهي، آءُ دنيا ۾ انسان جي همدرد هوندي آهيان ۽ قبر ۾ نور، دوست ۽ غمخوار ۽ قيامت ۾ جنت جي طرف رهنما ۽ قائد بڻجندي آهيان. (شرح الصدور، ص۲۰۴)

## (16) تهجد جو نور

تَاجدَارِ حَرَم، سَرَاپا جُود و ڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ڀيري حضرت ابو ذر غفاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي فرمايو: ”جڏهن توهان ڪيڏاهن سفر تي روانا ٿيندا آهيو تہ ڪيتري تياري ڪندا آهيو! قيامت جي تياري جو عالم ڇا هوندو! اي ابوذر! رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڇا آءُ توکي اهڙي شيء جي خبر نہ ڏيان جيڪا توکي قيامت جي ڏينهن نفعو ڏي؟“ حضرت سيدنا ابو ذر غفاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن عرض ڪيو: منهنجا ماءُ پيءُ توهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي قربان! ضرور ارشاد فرمايو تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”سخت گرمي جي موسم ۾ حشر جي لاءِ روزو رک ۽ رات جي اونداهي



www.dawateislami.net

۾ ٻه رڪعتون پڙهو ته جيئن قبر روشن ٿئي.“

(موسوعة لابن ابي الدنيا، كتاب التهجد وقيام الليل،الحديث١٠،ج١،ص٧٤٢)

## (18) نيڪي جي دعوت

اللّٰه تَبارَكَ وَتَعالٰی حضرتِ سيدُنا موسٰي كليمُ اللّٰه عَلٰی نَبِیِّنَاوَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلام جي طرف وحي فرمائي: ”ڀلائي جون ڳالهيون خود به سکو ۽ ٻين کي به سيکاريو، آئون ڀلائي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن جي قبرن کي روشن فرمائيندس ته جيئن انهن کي کنهن به قسم جو خوف نه ٿئي.“

(حلية الاولياء ج٦،ص٥،رقم٧٦٢٢)

## مبلغن جون قبرون اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ جڳمڳائينديون

اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ان روايت کي نقل ڪرڻ کان بعد لکن ٿا: ان روايت مان نيڪي جي ڳالهه سکڻ سيکارڻ جو اجر ۽ ثواب معلوم ٿيو. سنتن ڀريو بيان ڪرڻ يا درس ڏيڻ وارن جا ڀاڳ ئي ڀلا ٿي ويندا. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن جون قبرن اندران جڳمڳ جڳمڳ ٿي رهيون هونديون ۽ انهن کي کنهن قسم جو خوف نه ٿيندو. انفرادي ڪوشش ڪندي نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارن، مدني قافلن ۾ سفر ۽ فکرِ مدينه ڪري مدني انعامات جو رسالو روزانه ڀرڻ جي ترغيب ڏيارڻ وارن ۽ سنتن ڀري اجتماع جي دعوت پيش ڪرڻ وارن ڳڏوڳڏ مبلغن جي نيڪي جي دعوت ٻُڌڻ وارن جون قبرون به اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ حُضُورمُفِيضُ النُّور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نور جي صدقي نورٌ علٰی نور هونديون.

عطاؔ ہو ”نیکی کی دعوت“ کا خوب جذبہ کہ   دُوں دُھوم سنّتِ محبوب کی مچا یا ربّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!   صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## (19) دنيا ۾ مصيبت ڪٽڻ

ڪنھن بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن حضرتِ سيدُنا حسن بن ذڪوان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن کي ان جي وفات کان ھڪ سال پوءِ خواب ۾ ڏٺو تہ پڇيو: ڪھڙيون قبرون وڌيڪ روشن آھن؟ فرمايائون، دنيا ۾ مصيبتون ڪٽڻ وارن جون. (تنبيہ المغترين،الباب الثالث، ص١٦٦)

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توھان! اھا بلڪل اونداھي واري قبر جنھن کي دنيا جو ڪوبہ برقي بلب روشن نہ ٿو ڪري سگھي اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اھا مٺي مٺي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نور جي صدقي پريشان حالن جي لاءِ نور تي جڳمڳائيندي.

خواب میں بھی ایسا اندھیرا کبھی دیکھا نہ تھا     جیسا اندھیرا ہماری قبر میں سرکار ہے
یارسولَ اللہ آ کر قبر روشن کیجئے     ذات بے شک آپ کی تو مَنبَعِ انوار ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (20) ماٺھن کي تڪليفون نہ پھچائڻ جو انجام

حضرت سيِّدنا ابوڪاهِل رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مروي آھي تہ جيڪو ماڻھن کي تڪليفون پھچائڻ کان رڪيل رھيو، الله عَزَّوَجَلَّ ان کي قبر جي تڪليف کان بچائيندو. (المعجم الكبير،الحديث٨٢٩، ج١٨، ص٣٦٣)

## (21) صدقو ڏيڻ سان قبر جي گرمي پَري ٿيندي آھي

حضرتِ سيدُنا عُقْبَہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آھي تہ سيِّدُ المبلغين، رَحْمَةٌ لِّلْعٰلَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”بيشڪ ڪنھن شخص جو صدقو ان کي



www.dawateislami.net

قبر جي گرمي کان ڏُور ڪري ڇڏيندو آهي ۽ قيامت جي ڏينهن مؤمن پنهنجي صدقي جي ڇانو ۾ هوندو. (المعجم الكبير، الحديث٧٨٨،ج١٧، ص٢٨٦)

## علم قبر ۾ گڏ هوندو

سيّدُ المُرسَلِين، جنابِ رحمةٌ لِّلْعٰلمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ جڏهن عالم فوت ٿيندو آهي تہ ان جو علم قيامت تائين قبر ۾ ان کي مانوس ڪرڻ جي لاءِ متشڪل ٿي ڪري (يعني شڪل اختيار ڪري) رهندو آهي ۽ زمين جا ڪيڙا پَري ڪندو آهي.

(شرح الصدور للسيوطي، باب احاديث الرسول ﷺ في عدة امور، ص٨٥١)

## اولاد کي علمِ دين سيکارڻ جي برڪت

حضرت سيِّدنا عيسٰي رُوحُ الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن هڪ قبر جي ويجهي کان گذريا تہ ڏٺائون تہ قبر ۾ مردي کي عذاب ٿي رهيو آهي. ڪجھ دير کان پوءِ قبر ۾ نور ئي نور هو ۽ اتي الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت وسي رهي هئي. پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام تمام حيران ٿيا ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ عرض ڪيو: يا الله عَزَّوَجَلَّ! مون کي ان جو راز ٻڌاءِ جو پهرين ان تي عذاب ڇو ٿي رهيو هو ۽ هاڻي ان کي جنت جون نعمتون ڪهڙي سبب ملي ويون؟ الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمايو: اي عيسٰي! هي سخت گنهگار ۽ بدڪار هو، انهي وجہ سان عذاب ۾ گرفتار هو، مرڻ کان بعد ان جي گهر ڇوڪرو پيدا ٿيو ۽ اڄ ان کي مدرسي موڪليو ويو، استاد ان کي بِسْمِ الله پڙهائي، مون کي حيا آئي تہ آءُ زمين جي اندر ان شخص کي عذاب ڏيان جنهن جو ٻچو زمين تي منهنجو نالو وٺي رهيو هجي.“

(التفسيرالكبير،الباب الحادي عشر،ج١،ص٥٥١)



www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ علمِ دين سيکارڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدارس المدينہ ۽ جامعات المدينہ بہ آهن جتي هزارين طلبہ ۽ طالبات الڳ الڳ علمِ دين حاصل ڪندا آهن.

مِری آنے والی نسلیں تیرے عشق ہی میں مچلیں　　انہیں نیک تم بنانا مَدَنی مدینے والے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب!　　صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مسلمانن جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ جو ثواب

نبيءِ رحمت، شفيع اُمت، قاسم نعمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو شخص ڪنهن مؤمن جي دل ۾ خوشي داخل ڪندو آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان خوشي مان هڪ فرشتو پيدا فرمائيندو آهي جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۽ ذڪر ۾ مصروف رهندو آهي. جڏهن اهو ٻانهو قبر ۾ هلي ويندو آهي تہ اهو فرشتو ان کان اچي پڇندو آهي: "ڇا تون مون کي نہ ٿو سڃاڻين؟" اهو چوندو آهي تہ "تون ڪير آهي؟" تہ اهو فرشتو چوندو آهي تہ "آءٌ اها خوشي آهيان جنهن کي تو فلاڻ جي دل ۾ داخل ڪيو هو، اڄ آئون تنهنجي وحشت ۾ توکي اُنس پهچائيندس ۽ سوالن جي جواب ۾ ثابت قدم رکندس ۽ توکي قيامت جا مناظر ڏيکاريندس ۽ تنهنجي لاءِ تنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ سفارش ڪندس ۽ توکي جنت ۾ تنهنجي جڳهہ ڏيکاريندس.

(الترغيب والترهيب، ڪتاب البر والصلة، باب التر غيب في قضاء حوائج المسلين، الحديث ٢٣، ج ٣، ص ٢٦٦)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مرڻ کان بعد قبر جي اڪيلائپ، وحشتون، گهٻراهٽون، اونداهہ ۾ ڪم اچڻ وارن اعمال جي باري ۾ توهان ٻُڌو،



www.dawateislami.net

نماز، روزو، حج، زڪوٰة قبر ۾ ڪم ايندا، عذاب کان بچائيندا، رمضان ۽ قرآن قبر ۽ قيامت جي اونداهي کي پَري ڪندا، تلاوت ۽ روزا قبر ۾ خوشبو جو سبب بڻجندا، صبر قبر ۾ روشني ڪندو ۽ پل صراط ۽ ميزان تي ڪم ايندو، مسجد روشن ڪرڻ، قبر ۾ روشني جو سبب بڻجندي، مريض جي عيادت ڪرڻ واري مسلمان جي لاءِ ٻه فرشتا روزانہ قبر ۾ ان جي عيادت ڪندا، سورة ملڪ جي تلاوت عذابِ قبر کان بچائيندي، قرآنِ پاڪ حفظ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مرڻ وارو هي سعادت ماڻيندو تہ فرشتو ان کي قبر ۾ قرآن حفظ ڪرائيندو، سورة يٰس قبر مان عذاب کي ماري ڀڄائيندي، سورة سجده عذابِ قبر کان بچائيندي، سورة زِلزال پڑھڻ جي برڪت سان سڪراتِ موت جي سختي آسان، عذابِ قبر کان حفاظت ۽ پُل صراط تي ثابت قدمي عطا ٿيندي، پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنتن تي عمل ڪرڻ، قبر ۾ روشني ۽ اُنسِيّت جو سبب بڻجندي، نمازِ تهجد قبر ۾ روشني ڪندي ، نيڪي جي دعوت ڏيڻ قبر جي وحشت پَري ڪري روشني جو باعث ٿيندي، صدقو قبر جي گرمي کي پَري ڪندو، علمِ دين قبر ۾ اُنسِيّت ڏيندو ۽ زمين جي ڪيڙن کي پَري ڪندو، اولاد کي علمِ دين سيکارڻ جي برڪت سان عذابِ قبر دور ٿيندو، مسلمانن جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ جي سبب، قبر جي وحشت ۾ اُنسِيّت ٿيندي ۽ نڪيرين جي سوالن جي جوابن ۾ ثابت قدمي عطا ٿيندي.

جوابِ قبر میں مُنکَر نکیر کو دوں گا　　　　تِرے کرم سے اگر حوصلہ ملا یاربّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

منا منا اسلامي ڀائرو! نيڪ اعمال قبر ۾ خلاصي، روشني، خوشبو ۽ رضاءِ الٰهي جا سبب ٿيندا ۽ جيڪڏهن بُرا اعمال ڪٽي قبر ۾ پهتاسين ته الله تعالٰي جي ناراضي جي صورت ۾ قبر جهنم جي کڏ به ٿي سگهي ٿي، عذاب جو سلسلو به ٿي سگهي ٿو، ياد رکو! پيشاب جي ڇنڊن کان نه بچڻ، چغل خوري ڪرڻ عذابِ قبر جي اسباب مان آهن، غيبت ڪرڻ، نماز جي ادائيگي ۾ غفلت ڪرڻ، عذابِ قبر جي اسباب مان آهن. والدين جي نافرمان کي قبر، اهڙي طرح دٻائيندي جو ان جون پاسراٽيون ٽڪرا ٿي ڪري هڪ ٻي ۾ ملي وينديون، زڪوٰة نه ڏيڻ جو گناهه به عذابِ قبر جوسبب آهي، شراب نوشي، بدڪاري، ڪوڙا قَسم کڻڻ ۽ روزو نه رکڻ، هي به عذابِ قبر جي اسباب مان آهن، ملاوٽ ڪرڻ عذابِ قبر جي اسباب مان آهي، غسلِ جنابت (ناپاڪ حالت ۾ فرض غسل) ۾ ايتري دير ڪرڻ جو نماز جو وقت گذري وڃي، هي به عذابِ قبر جي اسباب مان آهي، سُود خوري (يعني وياج کائڻ)، عذابِ قبر جي اسباب مان آهي، ياد رکو! اسان پنهنجي قبر کي ياد ڪريون نه ڪريون، قبر روزانه سڏي اسان کي ياد ڪندي آهي. جيئن ته

## قبر جي پُڪار

محترم نبي، مڪي مدني، محبوبِ ربِّ غني صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: "قبر روزانه سڏي ڪري چوندي آهي ته آءُ مسافرت جو گهر آهيان، آءُ تنهائي جو گهر آهيان، آءُ مٽي جو گهر آهيان ۽ آءُ ڪيڙن جو گهر آهيان." جڏهن مؤمن ٻانهو دفنايو ويندو آهي ته قبر چوندي آهي: "مَرحَبَا! تون پنهنجي گهر ئي آئين! منهنجي پُٺ تي هلڻ



www.dawateislami.net

وارن مان تون ئي مون کي گهڻو محبوب آهين، اڄ جڏهن تون منهنجي حوالي ڪيو ويو آهين ته تون عنقريب ڏسندي ته توسان ڇا (چڱو) سُلوڪ ڪيان ٿي.“ پوءِ قبر ان جي لاءِ حدِ نگاهه تائين وسيع ٿي ويندي آهي ۽ ان جي لاءِ جنت جو دروازو کوليو ويندو آهي. پر جڏهن ڪو گنهگار يا ڪافر شخص دفن ڪيو ويندو آهي ته قبر چوندي آهي: ”نه ئي توکي مبارڪ هجي ۽ نه ئي تنهنجو هي گهر آهي، منهنجي پُٺ تي هلڻ وارن مان منهنجي نزديڪ تون سڀ کان بُرو آهين، اڄ جڏهن تون منهنجي سپرد ڪيو ويو آهين ته عنقريب تون ڏسندي ته آءُ تنهنجي ڪهڙي خبر ٿي وٺان!“ اهو چوندي ئي قبر ان کي اهڙي طرح دٻائيندي آهي جو ان جون پاسراٽيون هڪ ٻي ۾ پيوست ٿي وينديون آهن. راوي چون ٿا: هي ڳالهه فرمائيندي رَسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي هٿن جون آڱريون هڪ ٻي ۾ پاتيون، پوءِ فرمايو: ”ان جي لاءِ ستر ازدها (وڏا نانگ) مسلّط ڪيا ويندا آهن جيڪڏهن انهن مان ڪو هڪڙو به زمين تي ڦوڪ ڏي ته رهندڙ دنيا تائين زمين تي ڪجهه به پيدا نه ٿئي، هي ازدها ان کي ڏنگيندا ۽ پٽيندا رهندا ايستائين جو ان کي حساب جي لاءِ آندو وڃي.“ (جامع الترمذي، ڪتاب صفة القيامة، الحديث٢٤٦٨،ج٤، ص٢٠٨)

منا منا اسلامي ڀائرو! هائي اسان جو ڇا ٿيندو! اسان ته پنهنجي قبر کي بلڪل وساري وينا آهيون. فَتْحُ الْبَارِی ۾ آهي: اِنَّ الْبَرْزَخَ مُقَدَّمَةُ الْاٰخِرَة يعني بي شڪ برزخ آخرت جي پيشنگوئي آهي.“ (فتح الباري،ڪتاب الادب، تحت الحديث٦٠٥٥،ج١٠، ٣٩٩) آه! اسان جي غفلت جو سڪرات جي سختين، قبر جي اونداهه ان ۾ موجود ڪيڙن مڪوڙن، منڪر نڪير جا سخت لهجن



www.dawateislami.net

۾ ٿيندڙ سوالن، سڙي ويندڙ هڏين، عذابِ قبر جي شدتن کان آگاهه هئڻ باوجود نيڪيون ڪمائڻ جي جستجو نہ ٿا ڪريون!

گو پیشِ نظر قبر کا پُر ہَول گڑھا ہے　　افسوس مگر پھر بھی یہ غفلت نہیں جاتی
اے رحمتِ کونین! کمینے پہ کرم ہو　　ہائے! نہیں جاتی بُری خصلت نہیں جاتی
(وسائلِ بخشش، ص۳۸۲)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اڪيلائي ئي ڪافي آهي

بالفرض جيڪڏهن قبر ۾ عذاب نہ بہ هجي تڏهن بہ سوڙهي ۽ اونداهي واري قبر ۾ وڏي عرصي تائين رهڻ ئي وڏي آزمائش آهي ڇو جو اسان جي نازڪ مزاجي جو هي عالَم آهي تہ جيڪڏهن سيني سهولتن ۽ آسائشن سان سينگاريل ۽ سنواريل عاليشان بنگلي يا گهر ۾ ڪجھ ڏينهن جي لاءِ اڪيلو قيد ڪيو وڃي تہ گهبرائجي وڃون.

کہہ رہی ہے شاہوں سے قبر کی یہ تنہائی　　تاج وتخت کے مالک آج کیوں اکیلے ہیں

## دنيا کان وڃڻ وارن کي ياد ڪريو

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: ”منا منا اسلامي ڀائرو! ڪڏهن ڪڏهن اڪيلائيءَ ۾ دل کي هر طرح جي دنياوي خيالن کان پاڪ ڪري پوءِ پهريان پنهنجي انهن دوستن ۽ مائٽن کي ياد ڪريو جيڪي وفات ڪري ويا، پنهنجي اوڙي پاڙي ۾ رهڻ وارن فوت ٿيلن مان هڪ هڪ کي ياد ڪريو ۽ خيالن ئي خيالن ۾ انهن جا چهرا سامهون آڻيو ۽ سوچيو تہ اهي ڪيئن دنيا ۾ پنهنجي پنهنجي منصب



www.dawateislami.net

۽ ڪم ۾ مشغول، ڏکيون ڏکيون اميدون رکي دنياوي تعليم جي ذريعي مستقبل جي بهتري جي لاءِ ڪوششون ڪندا آهن ۽ اهڙي ڪمن ۾ تدبير ۾ لڳل هئا جيڪي شايد سالن تائين بہ مڪمل نہ ٿي سگهن، دنياوي ڪاروبار لاءِ هو طرح طرح جون تڪليفون ۽ ڏک برداشت ڪندا هئا، اهي فقط هن دنيا جي لاءِ ئي ڪوشش ۾ مصروف هئا، انهن جون آسائشون انهن کي محبوب ۽ انهن جو آرام انهن کي پسند هو. هو ايئن زندگي گذاري رهيا هئا ڄڻ انهن کي ڪڏهن مرڻو ئي ناهي، ايئن ئي هو موت کان غافل، خوشين ۾ بدمست ۽ راندين تماشن ۾ مست هئا، انهن جا ڪفن بازار ۾ اچي چڪا هئا پر هو انهن کان بي خبر دنيا جي لذتن ۾ گم هئا، آه! انهيءَ بي خبريءَ جي عالم ۾ اهي اوچتو موت جو شڪار ٿي ويا ۽ قبرن ۾ پهچايا ويا، انهن جا ماءُ پيءُ غم ۾ بي حال ٿي ويا، انهن جون بيواهہ (عورتون) بي حال ٿي ويون، انهن جا ٻار سڏڪندا رهجي ويا، انهن جي مستقبل جي حسين خوابن جو آئينو پڄي پورا پورا ٿي ويو، اميدون برباد ٿي ويون، انهن جا ڪم اڌورا رهجي ويا، دنيا جي لاءِ انهن جون سڀ محنتون بيڪار ٿي ويون، وارث انهن جي ملڪيت ورهائي مزي سان ڪائي رهيا آهن ۽ انهن کي وساري ڇڏيو اٿن. (ويران محل، ص١٧)

جب اس بزم سے اُٹھ گئے دوست اکثر　　اور اٹھتے چلے جارہے ہیں برابر
یہ ہروقت پیشِ نظر جب ہے منظر　　یہاں پر ترا دل بہلتا ہے کیونکر
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے　　یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## هڪ ڏينهن مرڻو آهي آخر موت آهي

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏينهن ۽ رات ڄڻ ته ٻه سواريون آهن، جنهن تي اسان واري واري سُوار ٿيندا آهيون، هن سُوارين جو مسلسل پنهنجو سفر جاري آهي ۽ اسان موت جي منزل تي پهچي ڪري ئي ساهه کڻنداسين، ڇا اسان ڪڏهن غور ڪيو آهي ته ڏينهن جي گذرڻ ۽ رات جي وڃڻ تي اسان تمام خوش ٿيندا آهيون، حالانڪ اسان جي زندگي جو هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات گهٽ ٿي ويندي آهي ۽ اسان موت جي مزيد ويجهو قريب ٿي ويندا آهيون، اسان جي حيثيت ته بلب جيان آهي جنهن جي تمام روشني ۽ توانائي پلاسٽڪ جي بٽڻ ۾ لڪيل هوندي آهي، ان بٽڻ تي لڳڻ واري آڱر جي هلڪي دٻاءُ سان ان جي روشني بند ٿي ويندي آهي، اهڙي طرح موت جو وقت اچڻ تي اسان جو تازو توانو جسم ايترو بي بس ٿي ويندو آهي جو اسان پنهنجي مرضي سان هٿ ٻه نه ٿا هلائي سگهون. حالانڪ اهو طيءِ آهي ته هڪ ڏينهن اسان کي ٻه مرڻو آهي، پر اسان اهو نه ٿا ڄاڻون ته موت اچڻ ۾ ڪيترو وقت باقي آهي؟ ڪهڙي خبر جو اڄ جو ڏينهن اسان جي زندگي جو آخري ڏينهن يا اچڻ واري رات اسان جي زندگي جي آخري رات هجي! بلڪ اسان وٽ ته ان ڳالهه جي ٻه ضمانت ناهي ته هڪ ساهه کان پوءِ ٻيو ساهه ٻه کڻي سگهنداسين يا نه؟ ڇو جو ساهه ڦڦڙن ۾ وڃڻ ۽ نڪرڻ وقت انسان جي اختيار ۾ناهي هوندو ۽ نه ئي ان جو اعتبار ڪري سگجي ٿو، اهو ٻه ممڪن آهي ته جيڪو ساهه اسان کڻي رهيا آهيون اهو ئي آخري ساهه هجي، ٻيو ساهه کڻڻ جي موقعو ئي نه ملي!



www.dawateislami.net

ڇا خبر هي بيان ٻڌڻ جي دوران ئي حضرت ملڪ المَوت عَلَیْہِ السَّلَام اسان جي روح قبض فرمائي وٺن! آئي ڏينهن اسان کي هي خبرون ٻڌڻ ۾ اينديون آهن تہ فُلان اسلامي ڀاءُ چڱو ڀلو هو، بظاهر ان کي ڪا بيماري بہ نہ هئي، پر اچانڪ هارٽ فيل ٿيڻ جي وجہ سان ڪجھ منٽن جي اندر اندر ان جو انتقال ٿي ويو، ائين ئي ڪنهن بہ وقت اسان بہ دنيا مان رخصت ٿي سگهون ٿا ڇو جو جيڪا رات قبر ۾ گذرڻي آهي اها ٻاهر نہ ٿي گذري سگهي.

بوقتِ نَزع سلامت رہے مِرا ایماں　　مجھے نصیب ہو توبہ ہے التجا یارب

(وسائلِ بخشش، ص۸۷)

## موت کي ياد ڪرڻ جو فائدو

حضرتِ سيدنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينه، راحتِ قلب وسينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن کي موت خوفزده ڪندي هجي قبر ان جي لاءِ جنت جو باغ بڻجي ويندي.

(جمع الجوامع،الحديث ۳۵۱۶، ج۲، ص۱۴)

## پنهنجي موت کي ياد ڪريو

ٿورو تصور جي نگاھ سان ڏسو تہ منهنجي موت جو وقت اچي پهتو آهي، مون تي غشي طاري ٿي چڪي آهي، ماٺهو بي بسي جي عالم ۾ مون کي موت جي منهن ۾ ويندي ڏسي رهيا آهن، سڪرات جون سختيون بہ شروع ٿي ويون پر آءُ پنهنجي تڪليف ڪنهن کي ٻڌائي نہ ٿو سگهان ڇو جو هر وقت ڇهڪڻ واري زبان هاڻي خاموش ٿي چڪي آهي، سخت اُڃ محسوس ٿي رهي آهي پر ڪنهن کان بہ



www.dawateislami.net

ڏک پاٽي نہ ٿو گھري سگھان، انھي دوران کو مون کي تلقين ڪرڻ (يعني منھنجي سامھون ڪلمو پاڪ پڙھڻ) لڳو، پوءِ آھستي آھستي نظر اچڻ وارا منظر ڌنڌلا ٿيڻ لڳا، ڳلي مان خرخراھٽ جي آواز اچڻ شروع ٿي وئي ۽ آخرڪار روح جسم جو ساٿ ڇڏي ڏنو يعني منھنجو انتقال ٿي ويو. عزيزن رشتيدارن تي ڏک طاري ٿي ويو. اھل وعيال مثلاً زال ٻار، ڀاءُ ڀيڻ، ماءُ پيءُ وغيره جون اکيون غم جي شدت مان آليون ٿي ويون. ڪنھن اڳيان وڌي منھنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون، پيرن جا آڱوٺا ۽ ٻنھي ڄاڙين کي ڪپڙي جي پٽي سان ٻَڌي مون تي چادر ويڙھي وئي. منھنجي موت جا اعلان ٿيڻ لڳا، رشتيدارن ۽ دوستن کي نياپا ڏنا ويا. ڪجھ ماڻھو منھنجي تڪفين ۽ تدفين جي انتظامن ۾ لڳي ويا. غسل جو انتظام ٿي وڃڻ تي مون کي تختہ غسل تي لٽائي غسل ڏنو ويو ۽ ڪفن پارائي ڪري منھنجي ميت آخري ديدار جي لاءِ رکي وئي. محبت ڪرڻ وارن آخري ڀيري مون کي ڏٺو جو ھاڻي ھي چھرو ٻيھر دنيا ۾ نہ ڏٺو ويندو. گھر جو ماحول سوڳوار آھي ۽ در و ديوار تي اداسي ڇانيل آھي. پوءِ منھنجي ناز کڻڻ وارن منھنجو جنازو پنھنجن ڪلھن تي کڻي ورتو ۽ جنازه گاھ جي طرف وڃڻ شروع ٿيا، اتي پھچي ڪري منھنجي نمازِ جنازه ادا ڪئي وئي ۽ منھنجي جنازي جو رخ ان قبرستان جي طرف ڪيو جتي مون کي پنھنجي زندگي ۾ رات جي وقت اڪيلي اچڻ جي ھمت بہ نہ ٿيندي ھئي پر ھاڻي نہ ڄاڻي ڪيتريون راتيون ان قبرستان ۾ گذارڻيون پونديون! ھي اھو ئي قبرستان آھي جيڪو پنھنجي نوَن رھڻ وارن جي لاءِ منتظر رھندو آھي، جتي



www.dawateislami.net

انسانن سان گڏ ان جون خواهشون به دفن ٿي وينديون آهن. ماڻهن منهنجي لاش کي گهٽ مان کڻي ان قبر ۾ منتقل ڪري ڇڏيو جنهن جي باري ۾ حديثِ پاڪ ۾ آيو ته قبر جنت جو هڪ باغ آهي......يا......دوزخ جي کڏ! (اَلتَّرْغيب وَالتَّرْهِيب ج۴ ص۲۰۱، الحديث:۴۱۱۵) قبر تي مٽي وجهي ڪري مون سان گڏ اچڻ وارا واپس موٽڻ لڳا ته مون انهن جي پيرن جي آهٽ ٻڌي، انهن جي وڃڻ کان پوءِ قبر مون سان هم ڪلام ٿي ۽ چوڻ لڳي: اي شخص! ڇا تو منهنجا حالات نه ٻڌا هئا؟ ڇا منهنجي سوڙهه، بدبوء، خوفناڪي ۽ ڪيڙن کان توکي نه ڊيڄاريو ويو هو؟ جيڪڏهن ايئن هو ته پوءِ تو ڇا تياري ڪئي؟

قبر میں مجھ کو لٹا کر اور مٹّی ڈال کر چل دیئے ساتھی نہ پاس اب کوئی رِشتے دار ہے
خواب میں بھی ایسا اندھیرا کبھی دیکھا نہ تھا جیسا اندھیرا ہماری قبر میں سرکار ہے

(وسائلِ بخشش،ص ۴۷۹، ۴۸۰)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اسان تي ڇا گذرندي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! انسان جا ٻه گهر هوندا آهن: هڪ زمين جي مٿان هڪ زمين جي اندر (يعني قبر)، اڄ اسان پنهنجي گهر کي آرام ده ۽ پُرسڪون بنائڻ لاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون ڪوششون ڪندا آهيون، اونداهه کي ختم ڪرڻ جي لاءِ جڳهه جڳهه بلب روشن ڪندا آهيون، گرمي ۾ ٿڌ جي لاءِ ايئرڪنڊيشنر (Air Conditioner) ۽ سردي جي موسم ۾ ٿڌ کان بچڻ جي لاءِ هيٽر (Heater) تائين لڳرائيندا آهيون،



www.dawateislami.net

بجلي هلي وڃي تہ متبادل نظام جي طور تي جنريٽر ۽ يو.پي.ايس (U.P.S) تيار رکندا آهيون، پر هڪ ڏينهن سڀ ڇڏي خالي هٿ ٻي گهر يعني قبر ۾ منتقل ٿي ويندا سين. ٿورو سوچو! ان وقت اسان تي ڇا گذرندي جڏهن قبر جي وحشتن، سخت اونداهي ۽ اجنبي ماحول جي اداسين ۾ اڪيلا هونداسين نہ ڪو همدرد نہ مددگار، نہ ڪنهن ڪي گهرائي سگهون نہ ڪنهن ڏانهن وڃي سگهون، اسان تي ڪهڙي گهٻراهٽ طاري هوندي!

اندھیرا کاٹ کھاتا ہے اکیلے خوف آتا ہے — تو تنہا قبر میں کیونکر رہوں گا یارسولَ اللہ
نکیرین امتحاں لینے کو جب آئینگے تُربت میں — جوابات اُن کو آقا کیسے دوں گا یارسولَ اللہ
برائے نام دردِ سر سہا جاتا نہیں مجھ سے — عذابِ قبر کیسے سہ سکوں گا یارسولَ اللہ
یہاں چیونٹی بھی تڑپا دے مجھے تو قبر کے اندر — میں کیونکر ڈنک بچھو کے سہوں گا یارسولَ اللہ

(وسائلِ بخشش، ص۳۲۲، ۳۲۳)

## مردي جا صدما

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اداري مكتبة المدينہ جي مطبوعه ”فيضانِ سنت“ جلد 2 جي 499 صَفحن تي مشتمل باب”غيبت جون تباھ ڪاريون“ صَفْحَي 67 تي آهي : پهريان تہ موت جي صدمي جو تصوُّر ئي جان ڪي ٻاريندڙ آهي ۽ مٿان خدا عَزَّوَجَلَّ و مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ناراضگيءَ جي صورت ۾ عذاب ٿيو تہ ڪيئن برداشت ٿي سگهندو! مُردي جي صدمي جو نقشو پيش ڪندي منهنجا آقا اعليٰ حضرت امام اَهلسنّت مولانا شاھ اِمام اَحمَد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن



www.dawateislami.net

ٿا : اهو موت جو تازو صدمو ڪٽي ڪري روح نڪرڻ وقت جنهن جو ٿورڙو ئي جهٽڪو سَو ضَربِ شَمشِير (تلوار جي سؤ وارن) جي برابر جنهن جو صدمو هزار ضربِ تيغ (تلوار جي هزار وار) کان سخت تر، پر مَلکُ المَوت (عَلَيْهِ السَّلَام) جو ڏسڻ ئي هزار تلوار جي صدمي کان وڌيڪ آهي . اها نئين جڳهه، اها اڪيلائپ، اها هر طرف دل ڏاريندڙ بيوسي، ان حالت ۾ نَڪِيرَين (يعني منڪر نڪير) جو اوچتو اچڻ، اهي سخت هيبت ناڪ صورتون ڏيکارڻ جنهن کي ڪو انسان ڏينهن جو هزارن جي ميڙ ۾ ڏسي تہ هوش نہ رهي، ڪارو رنگ، نيريون اکيون ديڳين جي برابر وڏيون، اَبرَق(يعني چمڪندڙ ذات) وانگرشُعلہ زن، ساهہ جيئن باهہ جا شعلا، ڏاند (ڍڳي) جي سڱن وانگر ڊگها ڇهنبدار اڳيان ڏند، زمين تي گهلجڻ وارا متي جا وڪريل وار، ۽ وڏو قد ڪاٺ ۽ قِيامت اها جو هڪ ڪُلهي کان ٻئي ڪلهي تائين منزلن جو (وڏو) فاصلو، هٿن ۾ لوهہ جا وڏا گُرز جيڪڏهن هڪ ڳوٺ جا ماڻهو بلڪ جِنَّ ۽ اِنسان جمع ٿي ڪري ڪڻڻ چاهن تہ بہ نہ کڻي سگهندا. گجگوڙ ڪندڙ خوفناڪ آواز، ۽ ڏند سان زمين چيريندي (ڦاڙيندي) ظاهر ٿيڻ، پوءِ انهن آفتن (هيبتن) تي هڪ ٻي مصيبت تہ سڌي طرح نہ ڳالهائڻ، ايندي ئي جهنجهوڙڻ مُهلت نہ ڏيڻ، ڪڙڪندڙ ۽ جِهڙڪندڙ آوازن ۾ امتحان

وٺڻ . وَحَسبُنَا اللّٰهُ وَنِعمَ الوَکِيلُ اِرحَمْ ضُعفَنَا يَا کَرِيمُ يَا جَمِيلُ صَلِّ وَسَلِّمْ عَلَى نَبِيِّ الرَّحمَةِ وَاٰلِهِ الْکِرَامِ وَسَائِرِ الاُمَّةِ اٰمِيْنَ اٰمِيْنِ يَا اَرحَمَ الرَّاحِمِيْن.

(ترجمو: ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان لاءِ ڪافي آهي ۽ هو وڏو ڪارساز آهي اي ڪرم فرمائڻ وارا! اسانجي ڪمزوري تي رحم۽ ڪرم ڪر، اي ربِّ جميل ! درود و سلام



www.dawateislami.net

موڪل نبيِّ رحمت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ۽ ان جي عزت واري آل تي ۽ باقي تمام امت تي، قبول فرماءِ، قبول فرماءِ، قبول فرماءِ اي سڀ کان وڏيڪ رحم وڪرم ڪرڻ وارا !)
(فتاويٰ رضويه ج9 ص934 تا 937)

گھُپ اندھیرا کا بھی وَحشت کا بسیرا ہو گا | قبر میں کیسے اکیلا میں رہوں گا یارب!
گر کفن پھاڑ کے سانپوں نے جمایا قبضہ | ہائے بربادی! کہاں جا کے چُھپوں گا یا رب!
ڈنک مچھر کا سہا جاتا نہیں، کیسے میں پھر | قبر میں بچھّو کے ڈنک آہ سہوں گا یا رب!
گر تُو ناراض ہوا میری ہلاکت ہو گی | ہائے! میں نا رِ جَہنَّم میں جلوں گا یا رب!
عَفو کر اور سدا کے لئے راضی ہو جا | گر کرم کر دے تو جنّت میں رہوں گا یا رب!

(وسائلِ بخشش، ص ۸۴، ۸۵)

## قبر وارا ڪنهن تي رشڪ ڪندا آهن؟

حضرتِ سيدُنا عبدالله بن عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا ڪان مروي آهي: ” ڪو ڏينهن اهڙو نہ آهي جنهن ۾ ملڪُ الموت (عَلَيْهِ السَّلَام) قبرستان ۾ اعلان نہ ڪندا هجن: ”اي قبر وارؤ! اج توهان ڪي ڪن ماڻهن تي رشڪ اچي ٿو؟ “ تہ اهي جواب ڏيندا آهن: اسان کي مسجد وارن تي رشڪ آهي تہ اُهي مسجدن ۾ نماز پڙهندا آهن ۽ اسان نماز نہ ٿا پڙهي سگهون. اهي روزا رکندا آهن ۽ اسان روزا نہ ٿا رکي سگهون. اهي صدقو ڪندا آهن ۽ اسان نہ ٿا ڪري سگهون. اهي الله عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر ڪندا آهن ۽ اسان نہ ٿا ڪري سگهون. پوءِ قبر ۾ رهڻ وارا پنهنجي گذريل زماني تي نادِم (يعني شرمسار) ٿيندا آهن.



www.dawateislami.net

وہ ہے عیش و عشرت کا کوئی مَحَل بھی　　جہاں تاک میں ہر گھڑی ہو اَجَل بھی
بس اب اپنے اس جَہْل سے تُو نکل بھی　　یہ جینے کا انداز اپنا بدل بھی
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے　　یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## هاڻي کان تياري ڪري وٺو

شيخ طريقت،اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه اسان کي قبر ۽ حشر جي تياري جو ذهن عطا ڪندي فرمائن ٿا: ” منا منا اسلامي ڀائرو! واقعي عقلمند اهو ئي آهي جيڪو موت کان پهرين موت جي تياري ڪندي نيڪين جو ذخيرو جمع ڪري ۽ سنتن جو مدني چراغ قبر ۾ کڻي وڃي ۽ اهڙي طرح قبر جي روشني جو انتظام ڪري، نہ تہ قبر هرگز اهو لحاظ نہ ڪندي تہ منهنجي اندر ڪير آيو آهي؟ امير هجي يا فقير، وزير هجي يا ان جو مشير، حاڪم هجي يا محڪوم، آفيسر هجي يا پٽيوالو، سيٺ هجي يا ملازم، ڊاڪٽر هجي يا مريض، ٺيڪيدار هجي يا مزدور. جيڪڏهن ڪنهن سان بہ گڏ آخرت جي سفر جي سامان ۾ ڪمي رهي، نمازون قصدًا قضاء ڪيون، رمضان شريف جا روزا بغير ڪنهن شرعي عذر جي نہ رکيا، فرض هوندي بہ زڪوٰة نہ ڏني، حج فرض هو ادا نہ ڪيو، قدرت جي باوجود شرعي پردو نافذ نہ ڪيو، ماءُ پيءُ جي نافرماني ڪئي، ڪوڙ، غيبت، چغلي جي عادت رهي، فلمون ڊراما ڏسندا رهيا، گانا باجا ٻڌندا رهيا، ڏاڙهي ڪترائيندا يا هڪ مٺي کان گهٽائيندا رهيا. الغرض گناهن جو بازار گرم رکيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان



www.dawateislami.net

جي رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ناراضگي جي صورت ۾ سواءِ حسرت ۽ ندامت جي ڪجھ هٿ نہ ايندو، جنهن فرائض سان گڏوگڏ نوافل جي بہ پابندي ڪئي، رَمَضانُ المبارڪ کان علاوه نفلي روزا بہ رکيا، گلي گلي، شهر شهر نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچايون، قرآنِ پاڪ جي تعليم نہ صرف خود حاصل ڪئي بلڪ ٻين کي بہ ڏني، چوڪ درس ڏيڻ ۾ ٿڪائي محسوس نہ ڪئي، گھر درس جاري رکيو، سنتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ باقاعدگي سان سفر ڪرڻ سان گڏوگڏ ٻين مسلمانن کي بہ ان جي ترغيب ڏياري، روزانہ مدني انعامات جو رسالو پري ڪري هر مهيني پنهنجي ذمہ دار کي جمع ڪرايو. الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فضل و ڪرم سان ايمان جي سلامتي سان دنيا مان رخصتي ٿي تہ ان شآءَ الله ان جي قبر ۾ حشر تائين رحمتن جا دريا وهندا رهندا ۽ نورِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا چشما جاري رهندا.

قبر میں لہرائیں گے تاحشر چشمے نور کے　　　جلوہ فرما ہوگی جب طلعت رسول اللہ کی

(حدائقِ بخشش)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(بادشاهن جون هڏيون، ص 17)

منا منا اسلامي ڀائرو! سچي توبه ڪرڻ وارو گناهن کان پاڪ ڪيو ويندو آهي، جيئن تہ فرمايو ويو: تہ گناهن کان توبه ڪرڻ وارو ايئن آهي جيئن ان گناه ڪيو ئي نہ.



www.dawateislami.net

هن مبارڪ رات ۾ **الله** تَبارَكَ وَتعالیٰ "**بني ڪلب**" **جي ٻڪرين جي وارن** کان به وڌيڪ ماڻهن کي جهنم کان آزاد ڪندو آهي. ڪتابن ۾ لکيل آهي: "قبيله بني ڪلب"عرب قبيلن ۾ سڀ کان وڌيڪ ٻڪريون پاليندو هو، آه! ڪجھ بدنصيب اهڙا به آهن جيڪي ان شبِ براءَت يعني ڇوٽڪاري واري رات به نه بخشيا ويندا.حضرت سَيِّدُنا امام بَيهَقي **شافعي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْكَافِي "**فَضائِلُ الاوقات**" ۾ **نقل فرمائن ٿا:** رسولِ اڪرم ، **نُورِ مُجَسَّم** صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو فرمانِ عبرت نشان آهي: ڇهه ماڻهن** جي هن رات به بخشش نه ٿيندي: (1) شراب جو عادي (2) ماءُ پيءُ جو نافرمان (3) زنا جو عادي (4) قطع تعلق ڪرڻ وارو (5) تصوير ٺاهڻ وارو (6) **چغل خور.** (فضائل الاوقات ج۱ص ۱۳۰ حديث ۲۷ مکتبة المنارة، مکة المکرمة) **ڪجھ** ٻين روايتن ۾ مشرڪ، عداوت واري، قاتل، ڪاهن، جادوگر، تڪبر مان پنهنجو پاجامو يا شلوار مُرين کان هيٺ لٽڪائڻ واري، مسلمانن سان بغض ۽ ڪينو رکڻ واري جي لاءِ به هي وعيد آهي ته اهو اڄ جي رات مغفرت جي سعادت کان محروم رهندو آهي، تنهنڪري اسان سيني کي گهرجي ته بيان ڪيل گناهن مان جيڪڏهن مَعَاذَاللهعَزَّوَجَلَّ ڪنهن گناه ۾ ملوث هجون ته بالخصوص ان گناه کان ۽ بالعموم هر گناه کان هاڻي ئي توبه ڪري وٺون. (آقا جو مهينو،ص۱۱، بتغيرٍ)

توبه تي استقامت جي لاءِ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول اپنايو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اعتڪاف جي ترغيب

اَلْحَمْدُلِلّٰهعَزَّوَجَلَّ رَمَضانُ المُبارَڪ جي مهيني جي آمد آمد آهي ۽ ان مبارڪ مهيني جي برڪتن جي ته ڇا ڳالھ آهي جو ان مهيني ۾ عبادت ڪرڻ ۽



www.dawateislami.net

نيڪين ۾ اضافو ڪرڻ جا موقعا گهٽجي ويندا آهن. جيئن ته ان مهيني ۾ نيڪيون وڌائڻ ۽ پاڻ کي گناهن کان بچائڻ ۽ خوب خوب علمِ دين حاصل ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو پوري رَمضان جي مهيني يا آخري عشري جو اعتڪاف به آهي ۽ اعتڪاف جي فضليت جو اندازو ان حديثِ پاڪ سان لڳايو ته اُمّ الْمُؤمِنين حضرتِ سَيِّدَتُنا عائِشه صِدّيقه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کان روايت آهي سرڪارِ ابدِ قرار، شفيعِ روزِ شمار صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ خوشبودار آهي: مَنِ اعْتَكَفَ اِيْمَانًا وَّاِحْتِسَابًا غُفِرَلَه مَاتَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهٖ يعني جنهن شخص ايمان سان گڏ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان اعتڪاف ڪيو، ان جا گذريل تمام گناه بخشيا ويندا آهن". (جامع صغير ص۵۱٦ الحديث۸۴۸۰)

منا منا اسلامي ڀائرو! ڀلي سگهي ته هر سال نه ته زندگي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پوري رَمَضانُ المبارڪ جي مهيني جو اعتڪاف ڪيو وڃي، اسان جي پياري پياري ۽ رحمت واري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ هر وقت تيار رهندا هئا ۽ خصوصًا رَمَضان شريف ۾ عبادت جو خاص اهتمام فرمائيندا هئا. ڇو جو رمضان جي مهيني ۾ ئي شبِ قدر کي پوشيده رکيو ويو آهي، تنهنڪري ان مبارڪ رات کي تلاش ڪرڻ جي لاءِ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ ڀيري پوري رمضان جو اعتڪاف فرمايو ۽ هئين به مسجد ۾ رهڻ تمام وڏي سعادت آهي ۽ معتڪف جي ته ڇا ڳالهه جو رضاءِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي پاڻ کي تمام مصروفيتن کان فارغ ڪري مسجد ۾ اچي ترسندو آهي. فتاوٰي عالمگيري ۾ آهي، "اعتڪاف جون



www.dawateislami.net

خوبيون بالڪل ظاهر آهن ڇو جو ان ۾ ٻانهو الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪُلِّيَّةً (يعني مڪمل طور تي) پنهنجي پاڻ کي الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ مُنهمِڪ (نهايت مصروف) ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ان تمام دنيا جي مصروفيتن کان ڪنارا ڪش ٿي ويندو آهي جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ جي قُرب جي رستي ۾ رڪاوٽ ٿيندا آهن ۽ معتڪف جا سمورو وقت حقيقتًہ يا حُڪمًا نماز ۾ گذرندا آهن. (ڇو جو نماز جو انتظار ڪرڻ نماز جيان ثواب آهي) ۽ اعتڪاف جو مقصود اصلي جماعت سان گڏ نماز جو انتظار ڪرڻ آهي ۽ معتڪف ان (فرشتن) سان مشابهت رکندو آهي جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم جي نافرماني ناهن ڪندا ۽ جيڪو ڪجهه انهن کي حڪم ملندو آهي ان کي پورو ڪندا آهن ۽ ان سان مشابهت رکندا آهن جيڪي ڏينهن رات الله عَزَّوَجَلَّ جي تسبيح (پاڪي) بيان ڪندا آهن ۽ ان کان بيزار ناهن ٿيندا. (فتاوٰي عالمگيري ج١ ص٢١٢)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ اعتڪاف جي دوران ڪيتري قدر نيڪيون ڪرڻ جو موقعا ملندا آهن. اسان کي بہ هر سال نہ تہ ڪم از ڪم زندگي ۾ هڪ ڀيرو اِن اَدائي مصطفٰي کي ادا ڪندي پوري رَمَضانُ المبارڪ جي مهيني جو اعتڪاف ڪرڻ گهرجي ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏيارڻ گهرجي. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي تحت پوري دنيا ۾ پوري رمضان جي مهيني جو ۽ آخري عشري جي سُنت اعتڪاف جي ترڪيب ٿيندي، پاڪستان ۾ هن سال پوري مهيني جي اعتڪاف جي لاءِ 126 مقامات ۽ آخري عشري جي اعتڪاف جي لاءِ 4000 مقامات جو هدف آهي، سڀ کان وڏو اعتڪاف عالمي مدني مرڪز فيضانِ



www.dawateislami.net

مدينہ باب المدينہ (ڪراچي) ۾ ٿيندو، جنهن ۾ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه بہ معتڪف هوندا. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اعتڪاف ۾ وضو، غسل، نماز، روزي ۽ ٻين شرعي مسائل سان گڏوگڏ مدني مذاڪرن جي ذريعي شيخِ طريقت، اميرِ اهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کان ٿيندڙ سوالن جي دلچسپ جوابن جي معلومات جو وڏو خزانو هٿ ايندو آهي.

رحمتِ حق سے دامن تم آکر بھرو
مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
سنّتیں سیکھنے کے لیے آؤ تم
مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدني عطيات جي ترغيب

دعوتِ اسلامي تبليغِ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ آهي، جنهن جو مدني پيغام هاڻي تائين ڪم و بيش 192 ملڪن تائين پهچي چڪو آهي، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي خدمتِ دِين جي 97 شعبن ۾ مدني ڪم ڪري رهي آهي، صرف جامعة المدينه (للبنين و للبنات)، مدرسة المدينه (للبنين و للبنات)، مدرسة المدينه آن لائن (للبنين و للبنات) ۽ مدني چينل جا سالانہ اخراجات ڪروڙن ۾ نہ بلڪ اربين روپين ۾ آهن، دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جي لاءِ زڪوٰة، صدقات، عطيات ڏيڻ سان گڏوگڏ پنهنجي رشتي دارن، پاڙي وارن، دوستن تي انفرادي



www.dawateislami.net

ڪوشش ڪري انهن کي بہ راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ جا فضائل ٻڌائي ڪري مدني عطيات جمع ڪريو. فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: صدقو بُرائي جا ستر دروازا بند ڪندو آهي، فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: صدقو بُري موت کي روڪيندو آهي.

اچوتہ هڪ مدني بهار توهان جي گوش گذار ڪريان ٿو.

## منهنجي بدمعاشيءَ جي عادت ڪيئن ختم ٿي؟

باب المدينہ ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ اپرندڙ جوانيءَ ۾ سٺي صحت مون کي مغرور بڻائي ڇڏيو هو، نوان نوان فيشني ڪپڙا سبرائڻ، ڪاليج ايندي ويندي بس جي ٽڪيٽ نہ ڏيڻ، ڪنديڪٽر گهري تہ بدمعاشيءَ تي لهي اچڻ، رات دير تائين آواره گردي ۾ وقت ضايع ڪرڻ، جُوا ۾ پيسا وڃائڻ وغيره هرطرح جو گناه مون ۾ گهر ڪري ويو هو، والدين سمجهائي سمجهائي ٿڪجي پيا هئا، مون بدڪار جي اصلاح جي لاءِ دعائون گهرندي گهرندي منهنجي امڙ جون پنبڙيون آليون ٿي وينديون هيون، اسان جي علائقي جو هڪ اسلامي ڀاءُ ڪڏهن ڪڏهن سرسري طور تي دعوتِ اسلاميءَ جي هفتيوار سنتن ڀرئي اجتماع جي دعوت پيش ڪندا هئا، آءُ بہ ٻُڌي وساري ڇڏيندو هئس، هڪ ڀيري اجتماع واري شام انهيءَ اسلامي ڀاءُ محبت ڀرئي انداز ۾ زور ڀريو تہ اڄ توهان کي هلڻو ئي پوندو، آءُ ٽاريندو رهيس پر انهن نہ مڃيو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي انهن رڪشا روڪي ورتو ۽ وڏي منٿ سان ڪجھ اهڙي انداز ۾ ويهڻ جي



www.dawateislami.net

درخواست ڪئي جو هاڻي مون ڪان انڪار نہ ٿي سگهيو، آءُ ويهي رهيس ۽ اسان دعوتِ اسلاميءَ جي پهرين مدني مرڪز جامع مسجد گلزارِ حبيب اچي پهتاسين، جڏهن دعا جي لاءِ بتيون وسايون ويون تڏهن مون سمجهيو تہ اجتماع ختم ٿي ويو، آءُ اٿيس، مون کي ڪهڙي خبر تہ اچڻ وارا لمحا منهنجي تقدير ۾ مدني انقلاب برپا ڪندا، خير منهنجي ان محسن اسلامي ڀاءُ محبت ڀرئي انداز ۾ سمجهائي ڪري مون کي وڃڻ کان روڪيو، آءُ وري ويهي رهيس، اونداهہ ۾ بلند آواز سان ذڪرُالله عَزَّوَجَلَّ جي آواز منهنجي دل جي دنيا بدلائي ڇڏي! خدا جو قسم! مون زندگيءَ ۾ ڪڏهن اهڙي روحانيت نہ ڏٺي هئي نہ ٻڌي هئي پوءِ جڏهن رقت انگيز دعا شروع ٿي تہ اجتماع ۾ شرڪت ڪندڙن جي سڏڪن جا آواز بلند ٿيڻ لڳا، ايتري تائين جو مون جهڙو پٿر دل ماڻهو بہ اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳو، مون پنهنجي گناهن کان توبهہ ڪئي ۽ دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ماحول جو ٿي ويس. (فيضانِ سنت،ص:۴۴۳)

تمہیں لُطف آجائے گا زندگی کا قریب آ کے دیکھو ذرا مَدَنی ماحول
تنزّل کے گہرے گڑھے میں تھے اُن کی ترقّی کا باعِث بنا مَدَنی ماحول
یقیناً مقدّر کا وہ ہے سکندر جِسے خیر سے مل گیا مَدَنی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! 15 شعبان جي روزي جي هڪ خاص اهميت آهي، اچو تہ ٻڌون ۽ روزو رکڻ جو ذهن بڻايون جيئن تہ



www.dawateislami.net

## 15 شعبان جو روزو

**حضرت سيّدُنا عليُّ المُرتضیٰ** كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم **کان مروي آهي تہ نبي ڪريم، رؤف رحيم** عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسْلِيْم **جو فرمان آهي: جڏهن پندرهين** شعبان جي رات اچي تہ انهيءَ ۾ قيام (يعني عبادت) ڪريو ۽ ڏينهن ۾ روزو رکو. بيشڪ الله تعالیٰ سج لهڻ کان آسمانِ دنيا تي خاص تجلّي فرمائيندو ۽ چوندو آهي: ”آهي ڪو مون کان مغفرت گُهرڻ وارو جو ان کي بخشي ڇڏيان! آهي ڪو روزيءَ گهرڻ وارو جو ان کي روزي ڏيان! آهي ڪو مصيبت ۾ ڦاٿل جو ان کي عافيّت عطا ڪريان! آهي ڪو اهڙو! آهي ڪو اهڙو! ۽ اهو انهيءَ وقت تائين فرمائيندو آهي جو فجر جو وقت ٿي وڃي.“

(سنن ابن ماجه ج 2 ص 160 رقم الحديث 1388 دارالمعرفة بيروت)



www.dawateislami.net